# غوثِ پاڪ جي دلين تي حڪومت

15-October-2024



## اجتماعِ غوثيه جو بيان

(for Islamic Brothers)

اجتماع غوثيه

(11 ربيع الآخر 1446ھ/ 16 آڪٽوبر 2024ء وڏي يارهين شريف وارو بيان)

# غوثِ پاڪ جي دلين تي حڪومت

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ!

✿... امتحان وٺڻ وارا امتحان ۾ پئجي ويا

✿... ڇا ڪنهن جي دلين تي قبضو ملي سگهي ٿو؟

✿... اللّٰه وارن جي سڃاڻپ

✿...علمِ دين سکڻ ڇو ضروري آهي؟

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

اربعين عطار، قسط:2، صفحو:3، حديث پاڪ نمبر 3 آهي:

أَيُّمَا رَجُلٍ مُسْلِمٍ لَمْ يَكُنْ عِنْدَهُ صَدَقَةٌ فَلْيَقُلْ فِي دُعَائِهِ: اللّٰهُمَّ صَلِّ عَلَى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَرَسُولِكَ وَصَلِّ عَلَى الْمُؤْمِنِينَ وَالْمُؤْمِنَاتِ وَالْمُسْلِمِينَ وَالْمُسْلِمَاتِ فَإِنَّهَا زَكَاةٌ وَقَالَ: لَا يَشْبَعُ الْمُؤْمِنُ خَيْرًا حَتَّى يَكُونَ مُنْتَهَاهُ الْجَنَّةُ[1]

فرمان آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جنهن مسلمان وٽ خيرات ڏيڻ لاءِ ڪجهه به نه هجي ته اهو پنهنجي دعا ۾ هي چئي:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلَى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَرَسُولِكَ وَصَلِّ عَلَى الْمُؤْمِنِينَ وَالْمُؤْمِنَاتِ وَالْمُسْلِمِينَ وَالْمُسْلِمَاتِ

ته هي زڪوات آهي ۽ مؤمن جو ڪڏهن به نيڪيءَ کان پيٽ ناهي ڀربو جيستائين جنت سندس گهر نه ٿي وڃي.

**حديث پاڪ جي شرح:** جيڪو شخص خيرات ڪرڻ جي طاقت ناهي رکندو، ان جو رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ الله پاڪ جي دربار ۾ رحمت جي دعا گهرڻ يعني درود پاڪ پڙهڻ ان لاءِ صدقو آهي[2]

1... صحیح ابن حبان، جلد:2، صفحہ:130، حدیث:900۔

2... السراج المنیر بشرح جامع الصغیر، جلد:2، صفحہ:232 ماخوذاً۔

| | |
|---|---|
| جن کا لقب ہے مصطفٰے صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ | ان سے ہمیں خدا مِلا صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ |
| مشکلیں ان کی حل ہوئیں قسمتیں ان کی کھل گئیں | وِرد جنہوں نے کر لیا صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ (1) |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! سٺين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ۞ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ۞ اَدَب سان ويهندس ۞ بيان دوران سُستي کان بچندس ۞ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## غوث پاڪ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جو ٿورڙو تعارف

الحمدلله! شهنشاھ بغداد پيرانِ پير دستگير رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ مشهور ۽ معروف هستي آهن. پاڻ حسني ۽ حسيني سيد آهن. سندن نالو: عبدالقادر ۽ ڪنيت ابو محمد آهي. محي الدين (يعني دين کي زنده ڪرڻ وارو) ۽ غَوْثُ الثَّقَلَين (يعني جنن ۽ انسان جا غوث ۽ مددگار) سندن مشهور لقب آهن. ۞ حضور غوث پاڪ شيخ

1...دیوانِ سالک، صفحہ:24-25 ملتقطاً۔

2...مسند فِردَوس، جلد:4، صفحہ:305، حدیث:6895۔

عبد القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه 470 هجري ۾ جيلاني ۾ پيدا ۞ 91 سال هن دنيا ۾ رهيا ۞ 561 هجري ۾ پاڻ هن دنيا مان پردو ڪري ويا.

| | |
|---|---|
| واہ کیا مرتبہ اے غوث ہے بالا تیرا | اُونچے اُونچوں کے سَروں سے قدم اعلیٰ تیرا |
| سَر بھلا کیا کوئی جانے کہ ہے کیسا تیرا | اولیا ملتے ہیں آنکھیں وہ ہے تلوا تیرا(1) |

## يارهين وارو پير چوڻ جو سبب

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان وٽ حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کي يارهين وَارو پير سڏيو ويندو آهي، جڏهن ته حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي ايصال ثواب جي محفل کي يارهين شريف سڏيو ويندو آهي. ان جا ڪيترائي سبب آهن، مثال طور ۞حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي وصال جو ڏينهن 11 ربيع الآخر آهي، ان ڪري ڪين يارهين وارو پير چيو ويندو آهي ۞حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو شجرو 11 واسطن سان امام حسن مجتبيٰ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ سان وڃي ملي ٿو (2) ۞سندن طريقت وارو شجرو (يعني سندن پير، پوءِ انهن جا پير، پوءِ انهن جا پير ايئن جيڪا لڙي آهي، هي سندن شجرو شريف آهي) 11 واسطن سان مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ سان وڃي ملي ٿو ۞مشهور مفسر قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پنهنجي ڪتاب جاءالحق ۾ ان جي ٻي نهايت پياري ۽ ايمان افروز ڳالهه لکي آهي ته حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ٻارهين شريف واري يعني ٻنهي جهانن سردار مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ميلاد پابندي سان ملهائيندا هئا. هڪ ڏينهن رسول ذيشان مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ تشريف ڪٽي آيا ۽ فرمايائون عبدالقادر! توهان اسان کي 12 ٻارهين سان ياد ڪيو، اسان توکي يارهين ڏيون ٿا.جيئن ته اهو هڪ سرڪاري عطيو آهي،ان ڪري سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويو. الحمدلله!

---

1...حدائق بخشش، صفحہ:19۔

2...زبدۃ الآثار، ذکر نسبہ وصفتہ، صفحہ:35-36۔

صديون گذرڻ کان پوءِ به غلامانِ غوثِ اعظم اڄ تائين خاص ڪري ربيع الاخر ۾ ۽ هر اسلامي مهيني جي 11 تاريخ تي يارهين شريف جو جوش ۽ جذبي سان اهتمام ڪندا آهن. (1)

| | |
|---|---|
| تیرے جَدّ کی ہے بارہویں غوثِ اعظم | ملی ہے تجھے گیارہویں غوثِ اعظم |
| کوئی ان کے رُتبہ کو کیا جانتا ہے | مُحمّد کے ہیں جانشیں غوثِ اعظم |
| ہوئے اَولیاذی شرف گرچہ لاکھوں | مگر سب سے ہیں بہتریں غوثِ اعظم |
| تجھے سب نے جانا، تجھے سب نے مانا | تری سب میں دُھومیں مچیں غوثِ اعظم (2) |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## امتحان وٺڻ وارا امتحان ۾ پئجي ويا

بهجة الاسرار شريف، جيڪا حضور غوث رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جيڪو زندگيءَ تي لکيل معتبر ۽ مستند ڪتاب آهي، ان ۾ لکيل آهي: جڏهن حضور غوث اعظم شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن مشهور ٿيا. ماڻهون سندن وٽ اچڻ ۽ سندن بيان ٻڌڻ ۽ نيڪ بڻجڻ لڳا، بعض عالمن کي ڪجهه شڪ ٿيو، جيئن ته بغداد جا 100 وڏا وڏا عالم، جيڪي تمام گهڻو ماهر عالم ۽ نهايت ذهين هئا، انهن پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪيو ۽ هڪ سئو (100) مختلف ديني مسئلا گڏ ڪيا، فيصلو اهو طئي ٿيو ته سيئي غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ وڃي پنهنجو پنهنجو مسئلو پڇندا ته جيئن معلوم ٿئي ته سندن علمي مقام ۽ مرتبو ڇا آهي. جيئن ته سيني تمام گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ پنهنجي مرضيءَ موجب تمام ڏکيا مسئلا ڪنيا ۽ غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي مجلس ۾ پهچي ويا.

حضرت شيخ مفرج رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان به ان وقت مجلس ۾ حاضر هيس.

---

1...جاء الحق، صفحہ:220 خلاصۃً۔

2...قبالۂ بخشش، صفحہ:166، 168 ملتقطاً۔

جڏهن اهي محفل ۾ اچي وينا تہ غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن پنهنجو مٿو مبارڪ جهڪائي ڇڏيو، هڪدم ئي سندن پاڪ سيني مان هڪ نور چمڪيو ۽ سيني عالمن جي سينن مان گذري ويو.

هاڻي ڇا ٿيو، جو اهو نور جنهن جنهن عالم جي سيني مان گذرندو ويو، اهو حيران ٿي تڙپڻ لڳو. انهن سيني عالمن پنهنجا گريبان ڦاڙي ڇڏيا ۽ مٿي اگهاڙي غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ويجهو ٿيا ۽ سندن قدمن ۾ پنهنجا مٿا رکي ڇڏيا، غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جيڪي رحمة اللعالمين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا شهزادا آهن، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اولاد مان آهن، پاڻ ڪي انهن عالمن تي رحم اچي ويو، پاڻ سيني عالمن کي هڪ هڪ ڪري پنهنجي سيني سان لڳائيندا ويا ۽ فرمائيندا ويا: هي آهي توهان جو سوال ۽ هي ان جو جواب آهي. ائين ڪندي ڪندي سيني علم وارن جا سوال بہ ٻڌايائين ۽ جواب بہ پاڻ ئي ڏنائون!

حضرت شيخ مفرج رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه فرمائن ٿا: بعد ۾ انهن عالمن کان پڇيو ويو تہ توهان کي ڇا ٿيو هيو؟ انهن وراڻيو: جيئن ئي اسان مجلس ۾ اچي ويناسين تہ اوچتو ائين ٿيو جو جيڪو علم اسان سڀني ڄمار ۾ پڙهيو هيو، اهو سمورو علم اسان جي دلين مان ائين مٽجي ويو، ڄڻ تہ ڪڏهن پڙهيو ئي نہ هيو. جڏهن غوث پاڪ رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه پنهنجي سيني سان لڳايو تہ اسان جو علم موٽي آيو. [1](فتاوي رضويہ)

| | |
|---|---|
| گُلِ بُوستانِ نبی غوثِ اعظم | مہِ آسمانِ علی غوثِ اعظم |
| تُو وہ گل ہے باغِ حسین و حسن کا | کہ بُو تیری سب میں بسی غوثِ اعظم |
| قدم کیوں نہ لیں اولیا چشم و سر پر | کہ ہیں والیِ ہر وَلی غوثِ اعظم |

وضاحت: اسان جا غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي باغ مبارڪ جا مهڪندڙ گل ۽ آسمان ولايت يعني مولا علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جا چمڪندڙ چنڊ آهن. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تہ حسنين ڪريمين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا جي باغ جا اهڙا مهڪندڙ گل آهن جو

1

سندن خوشبو سان سڄي ولايت جو باغ مهڪي رهيو آهي. ڇوته هر ولي سندن قدم کي پنهنجي مٿي جو تاج بڻايو جو پاڻ هر ولي الله جا آقا آهن.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ہیں پیر پیراں! | غوثِ پاک | ہیں میر میراں! | غوثِ پاک |
| مَحبُوبِ سُبحاں! | غوثِ پاک | ولیوں کے سُلطاں! | غوثِ پاک |
| مُشکل ہو آساں! | غوثِ پاک | دو دَرد کا دَرماں! | غوثِ پاک |
| فرماؤ اِحساں! | غوثِ پاک | راحت کا ساماں! | غوثِ پاک |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## الله وارن جو مقام ۽ مرتبو

پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان اسان کي هڪ اهم ڳالهه اها به سکڻ جي لاءِ ملي ٿي، اها هيءَ ته پنهنجي علم ۽ ڄاڻ تي فخر ڪندي ڪڏهن به ڇڱن ماڻهن کي پرکڻ نه گهرجي الله تعاليٰ اسان کي اهڙن ماڻهن ۽ اهڙن بي ادبين کان بچائي. ياد رکو! جيڪي الله جا نيڪ ٻانها هوندا آهن، انهن جو الله وٽ وڏو مقام هوندو آهي، بخاري شريف ۾ هڪ حديث قدسي آهي يعني زبان محبوبِ ذيشان جي آهي پر فرمان الله رب العزت جو آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

مَنْ عَادٰی لِیْ وَلِیّاً فَقَدْ آذَنْتُهُ بِالْحَرْبِ"جيڪو منهنجي ڪنهن ولي سان دشمني رکي، مان (الله رَبُّ الْعَالَمِيْن) ان کان جنگ جو اعلان ڪريان ٿو.

الله! الله! ڪهڙي سخت وعيد آهي. ٿورو غور ته ڪريو جنهن سان الله تعاليٰ جنگ جو اعلان ڪري ڇڏي اهو دنيا ۽ آخرت ۾ ذلت کان ڪيئن بچي سگهي ٿو، يقيناً ڪڏهن به نٿو بچي سگهي، تنهن ڪري اسان کي گهرجي ته الله وارن جي بي ادبي کان پاسو ڪريون.

| | |
|---|---|
| محفوظ سدا رکھنا خدا بے اَدَبوں سے | اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے اَدَبی ہو |

# الله وارن جي سامهون علم جو غرور

حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو ئي واقعو آهي. پاڻ بغداد شريف ۾ جامعہ نظاميه ۾ پڙهائيندا هيا، هڪ ڏينهن پاڻ ۽ سندن مدرسي جي ٻن ساٿين ابنِ سقا ۽ شيخ عبد الله تميمي ملي ڪري غوث نالي هڪ بزرگ جي زيارت ڪرڻ لاءِ ويا. رستي ۾ ابنِ سقا چيو : مان ان بزرگ کان اهڙو مسئلو پڇندس جو اُهو جواب نه ڏئي سگهندو، شيخ عبدالله تميمي چيو: مان به هڪ مشڪل سوال پڇندس ڏسان ته هو ڪهڙو جواب ڏين ٿا. حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي ته وري ڇا ڳالهه آهي پاڻ فرمايائون: الله پاڪ جي پناهه! مان ته ڪو سوال نه پڇندس بلڪ انهن جي زيارت جي برڪت وٺندس.

هاڻي اِهي ٽئي شخصيتون ان بزرگ وٽ پهتيون. ان بزرگ ابنِ سقا کي ڏسندي ئي جلال ۾ اچي ڪري فرمايو: اي ابنِ سقا! تنهنجي هلاڪت ٿي، تون مون کان اهڙو مسئلو پڇا ڪرڻ آيو آهين ، جنهن جو مونکي جواب نه ايندو. ٻڌ! اُهو مسئلو هي آهي ۽ ان جو جواب هي آهي. بيشڪ مان تنهنجي اندر ڪفر جي باهه ڀڙڪندي ڏسي رهيو آهيان. پوءِ وري شيخ عبد الله تميمي کي فرمايائون: تون منهنجي علم جو امتحان وٺڻ آيو آهين، ٻڌ ! تنهنجو سوال هي آهي ۽ ان جو جواب هي آهي ۽ تنهنجي بي ادبي جي ڪري مان ڏسي رهيو آهيان ته دنيا تنهنجي ڪنن تائين پهچندي.

پوءِ ان بزرگ حضور غوث اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ڏي پيار سان نهاريو ۽ فرمايو: اي عبد القادر! توهان ادب جي ڪري الله ۽ ان جي رسول کي راضي ڪيو، آئون ڏسي رهيو آهيان ته اوهان بغداد جي منبر تي ويهي ڪري فرمائي رهيا آهيو: قَدَمِیۡ هٰذِهٖ عَلٰی رَقَبَةِ کُلِّ وَلِیِّ اللهِ[1] (يعني منهنجو قدم تمام ولين جي گردن تي آهي)

| | |
|---|---|
| جس کی منبر بنی گردنِ اولیا | اس قدم کی کرامت پہ لاکھوں سلام |

1... بَہۡجَةُ الۡاَسۡرَار، ذکر اخبار المشائخ عنہ بذالک، صفحہ:19۔

پيارا اسلامي ڀائرو! ان نيڪ بزرگ جيئن فرمايو هو، بعد ۾ بلڪل ائين ئي ٿيو، ابنِ سقا جيڪو پنهنجي علم جي غرور ۾ هيو، هڪ وقت آيو جو هي ڪافر ٿي بي ايماني جي حالت ۾ دنيا ڪان هليو ويو، شيخ عبدالله تميمي جيڪو ان بُزرگ جو امتحان وٺي رهيو هو ، بعد ۾ دنيا داري ۾ ڦاسي ويو ۽ حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي الله پاڪ وڏو مرتبو عطا فرمايو، پوءِ اهو وقت به آيو جو پاڻ بغداد جي منبر تي تشريف فرما ٿي ڪري فرمايائون: قَدَمِیْ هٰذِهٖ عَلٰی رَقَبَةِ كُلِّ وَلِیِّ اللّٰهِ(يعني منهنجو قدم سيني ولين جي گردن تي آهي)

| | |
|---|---|
| قدم گردنِ اولیا پر ہے تیرا | ہے تو رب کا ایسا ولی غوثِ اعظم |

پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان اسان کي معلوم ٿيو ته الله پاڪ جي ولين ۽ نيڪ ٻانهن جي بارگاهه ۾ حاضري ٿئي ته ادب جو خاص خيال رکڻ گهرجي، ان سان الله پاڪ جون رحمتون حاصل ٿينديون آهن، ڏسو...! موسيٰ جي مقابلي ۾ اچڻ وارن جادوگرن کي الله پاڪ سندن اَدب ڪرڻ جي ڪري ايمان جي دولت نصيب ڪئي، انهن سندن اَدب ڪندي پاڻ سان اجازت گهري ۽ عرض ڪيو:

| | |
|---|---|
| قَالُوْا یٰمُوْسٰۤى اِمَّاۤ اَنْ تُلْقِیَ وَ اِمَّاۤ اَنْ نَّكُوْنَ نَحْنُ الْمُلْقِیْنَ(۱۱۵) (پارہ:9،سورۂ اعراف:115) | ترجمو ڪنزالعرفان: (جادوگرن) چيو: اي موسيٰ يا ته تون(پنهنجي لٺ) ڦٽي ڪر يا اسان(ڪجهه) ڦٽي ڪيون ٿا |

تفسيرِ قُرطبي ۾ لکيل آهي: جادوگرن حضرت موسيٰ جو اَدب ڪيو ۽ سندن اجازت جي بغير پنهنجو جادو پيش نه ڪيو، الله پاڪ انهي اَدب جي ڪري انهن کي ايمان ۽ هدايت جي دولت عطا فرمائي.[1] لهٰذا الله وارن جي بارگاهه ۾ حاضري جي وقت اسان کي ادب ئي اَدب رکڻ گهرجي. الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي سامهون پنهنجي 4 ڪتابن جي عِلم تي مغرور نه ٿيڻ گهرجي، نه ته ان جو

[1]… قرطبی، پارہ:9، سورۂ اعراف، زیرِ آیت:115، جز:7، جلد:4، صفحہ:158

سخت نقصان به ٿي سگھي ٿو. اللّٰه پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

| | |
|---|---|
| محفوظ سدا رکھنا خدا بے اَدَبوں سے | اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے اَدَبی ہو |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# غوث پاڪ جي دلين تي حڪومت

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ٻڌو: 100 اهل علم غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو امتحان وٺڻ جي لاءِ آيا، پاڻ گھڙي کن ۾ انهن سيني جي علم تي تَصَرُّف فرمايو، سيني جي دلين مان علم ڇڪي ورتو، پوءِ رحم ۽ ڪرم فرمائيندي، سيني کي علم واپس به موٽائي ڇڏيو. هن مان معلوم ٿيو ته: اللّٰه تعاليٰ حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي دلين جو قبضو عطا ڪيو آهي. پاڻ جڏهن چاهيندا آهن ۽ جنهن جي دل تي چاهيندا آهن تَصَرُّف ڪندا آهن.

جيئن ته شيخ شهاب الدين سهروردي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته مان پنهنجي چاچي سائين حضرت نجيب الدين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان گڏ غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي دربار ۾ حاضر ٿيس. اسان جيستائين حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي دربار ۾ حاضر رهياسين منهنجو چاچو سائين ادب ۽ خاموشي سان غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڏانهن مُتَوَجّه ٿي ويٺل رهيو، جڏهن اسان اتان واپس آياسين ته مون چاچا سائين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان پڇيو: ڪهڙو سبب آهي جو توهان حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي دربار ۾ اهڙي ادب سان ويٺا هيؤ. منهنجي چاچي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: آئون چو نه ان شخص جو احترام ڪريان جنهن کي اللّٰه تعالي منهنجي بلڪ تمام ولين جي دلين تي ۽ انهن جي حالتن تي قبضو ڏنو آهي.

| | |
|---|---|
| واہ کیا مرتبہ اے غوث ہے بالا تیرا | اُونچے اُونچوں کے سَروں سے قدم اعلیٰ تیرا |
| سَر بھلا کیا کوئی جانے کہ ہے کیسا تیرا | اولیا ملتے ہیں آنکھیں وہ ہے تلوا تیرا(1) |

[1]...حدائقِ بخشش، صفحہ:19۔

## دل منهنجي مٺ ۾ آهن

حضرت عمر بزّار رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا : هڪ ڏينهن آئون حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان گڏ جامع مسجد جي طرف وڃي رهيو هيس. معمول جي خلاف ڪنهن به رستي ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي سلام نہ ڪيو، مان ڏاڍو حيران ٿيس ۽ دل ۾ سوچيم تہ پهريان ته مسجد ويندي ماڻهن جي پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي سلام ڪرڻ جي لاءِ رش لڳي ويندي هئي پر ڇا سبب آهي جو اڄ ڪوبہ اوهان کي سلام نٿو ڪري.

فرمائن ٿا: ايترو سوچڻ جي دير هئي جو ماڻهو حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي سلام ڪرڻ لاءِ اچڻ لڳا ڏسندي ئي ڏسندي ايتري رش ٿي وئي جو مان پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان پري ٿي ويس، اهڙي صورتحال ڏسي مون دل ۾ سوچيو: افسوس....!! هن کان تہ اهو ئي بهتر هيو جو ماڻهو پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي طرف متوجهه نہ ٿين ها گهٽ ۾ گهٽ مون کي پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو قرب ته حاصل هيو، ايترو سوچڻ جي دير هئي جو غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه منهنجي طرف ڏسي مسڪرائي ڪري فرمائڻ لڳا

اَوَمَا عَلِمْتَ اَنَّ قُلُوْبَ النَّاسِ بِيَدِیْ اِنْ شِئْتُ صَرَّفْتُهَا عَنِّیْ وَاِنْ شِئْتُ اَقْبَلْتُ بِهَا اِلَیَّ يعني ڇا توکي خبر ناهي ته ماڻهن جون دليون منهنجي قبضي ۾ آهن، چاهيان ته پنهنجي طرف کان ڦيري ڇڏيان ۽ چاهيان ته پنهنجي طرف ڪري ڇڏيان.(1)

اللّٰه اکبر! ڇا تہ شان آهي منهنجي غوث پاڪ جو...! عاشق غوث اعظم، اعلٰحضرت امام اهلسنت شاہ امام احمد رضا خان غوث پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪن ٿا.

| | |
|---|---|
| غرض آقا سے کروں عرض کہ تیری ہے پناہ | بندہ مجبُور ہے خاطِر پہ ہے قبضہ تیرا |
| کُنجیاں دِل کی خُدا نے تجھے دِیں ایسی کر | کہ یہ سینہ ہو محبّت کا خزینہ تیرا |

## ڇا ڪنهن کي دلين تي قبضو ملي سگهي ٿو؟

1... بہجۃ الاسرار، ذکر فصول من کلامہ... الخ، صفحہ:149۔

پيارا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت جي شعر جو هي جيڪو مصرعو آهي

بندہ مجبور ہے، خاطِر پہ ہے قبضہ تیرا

هڪ ڏينهن ڪنهن عاشق رسول اعلٰي حضرت جي بارگاهه ۾ خط لکيو ۽ چيو: اوهان جو هي جيڪو مصرعو آهي، ان ۾ اوهان لکيو آهي تہ حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه دلين تي قبضو رکندا آهن، هي مصرعو مون کي غلط محسوس ٿئي ٿو، حديث پاڪ ۾ تہ هي آهي جو دليون الله پاڪ جي قبضي ۾ آهن هو جنهن طرف چاهيندو آهي دلين کي ڦيري ڇڏيندو آهي، حديثن ۾ الله پاڪ کي مُقَلِّبَ الْقُلُوْبِ (دلين کي ڦيرڻ وارو) فرمايو ويو آهي، پوءِ غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي لاءِ ڪيئن چئي سگهجي ٿو تہ پاڻ دلين تي قبضو رکندا آهن؟

هاڻي اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ان جو جواب لکيو!!... سُبْحَانَ الله! اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ڇا ڳالهه ڪجي...؟ جڏهن علمي بحث ڪندا آهن تہ قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ اهڙا اهڙا دليل ڏيندا آهن جو روح خوش ٿي وڃي، ۽ ايمان تازو ٿي ويندو آهي.

| | |
|---|---|
| علم کا چشمہ ہوا ہے موجزن تحریر میں | جب قلم تم نے اُٹھایا اے امام احمد رضا! |

اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڇا جواب ڏنو؟ فرمائن ٿا: اَلْحَقُّ (يعني بالڪل حق آهي، سچ آهي تہ) الله پاڪ ئي مُقَلِّبَ الْقُلُوْبِ (دلين کي ڦيرڻ وارو) آهي سيني جي دلين تي ۽ نہ صرف دلين تي بلڪ عَالَم جي ذري ذري تي حقيقي قبضو الله پاڪ جو ئي آهي پر (ياد رکو!) نہ ان جي قدرت محدود آهي نہ ان جي عطا جو دروازو بند آهي!!..... (يعني الله پاڪ ان ڳالهه جي بہ قدرت رکي ٿو تہ پنهنجي نيڪ صالح ٻانهن، پنهنجي ولين کي بہ دلين تي قبضو عطا فرمائي ڇڏي) الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| ترجموڪنزالعرفان: ها الله پنهنجي رسولن کي جن تي چاهيندو آهي غلبو ڏيندو آهي. | وَّلٰكِنَّ اللّٰهَ يُسَلِّطُ رُسُلَهٗ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ ؕ (پاره:28،سورۂ حشر:6) |
|---|---|

خبر پئي: الله پاڪ چاهي ته پنهنجي محبوبن کي ۞ اکين ۽ ۞ ڪنن تي قبضو عطا فرمائيندو آهي ۞ هٿن پيرن تي قبضو عطا فرمائيندو آهي. ۞ دل ۽ دماغ ۞ هوش و حواس تي قبضو عطا فرمائيندو آهي ۞ نہ ان جي قدرت ۾ ڪمي آهي ۽ نه ان جي عطائن ۾ تنگي آهي.[1]

## فرشتن جو دلين تي قبضو

ان کان پوءِ اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ان جا ڪجهه مثال ذڪر ڪيا، لڪن تا تہ: ۞ چا ملائڪ دلين ۾ نيڪ اِرادا ناهن وجهندا؟ دلين کي بُرن ارادن کان ناهن موڙيندا...؟ بيشڪ الله جي عطا سان ملائڪ بہ دلين ۾ نيڪ نيتون وجهندا آهن، دلين کي خراب ڳالهين کان پري بہ ڪري ڇڏيندا آهن. حديث پاڪ ۾ آهي: هڪ دفعو سرڪار عالي وقار مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هڪ رستي تي تشريف کڻي آيا، اتي موجود صحابي سڳورن کي فرمايائون: چا توهان اتان کان ڪنهن کي لنگهندي ڏٺو آهي؟ عرض ڪيائون: جي ها! يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! دِحْيَه ڪَلْبِي هاڻي هتان کان گذريا آهن. پاڻ فرمايائون: هي دِحْيَه ڪَلْبِي نہ پر جبرائيل امين عليہ السلام هو، جيڪو غير مسلمن جي دلين ۾ رُعب وجهڻ آيو هو.

معلوم ٿيو: الله پاڪ پنهنجي ملائڪن کي اها طاقت ڏني آهي جو هو ٻانهن جي دلين تي تَصَرُّفْ ڪندا آهن، انهن جي دلين ۾ رعب وجهندا آهن، ۽ خوشين جي ڪيفيت به پيدا ڪندا آهن. جڏهن الله تعالیٰ اها طاقت فرشتن کي ڏئي سگهي ٿو تہ پوءِ اها طاقت پنهنجي صالح ٻانهن کي ڇو نٿو ڏئي سگهي...؟ هو ضرور ڏئي سگهي ٿو ۽ ڏيندو به آهي.[2]

[1] فتاویٰ رضویہ، جلد:21، صفحہ:379-380 بتصرف۔
[2] فتاویٰ رضویہ، جلد:21، صفحہ:380-381 بتصرف۔

## شيطانن ۽ انسانن جا دلين ۾ وسوسا

منهنجا آقا اعلحضرت رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ جن فرمائن ٿا: ۞ ملائڪن جي شان ته تمام بلند آهي، قرآن پڙهو! معلوم ٿئي ٿو ته شيطانن کي به دلين تي قبضو ڏنو ويو آهي. قرآن مجيد جون آخري به آيتون آهن:

| | |
|---|---|
| الَّذِیۡ یُوَسۡوِسُ فِیۡ صُدُوۡرِ النَّاسِ ۙ﴿۵﴾ مِنَ الۡجِنَّۃِ وَ النَّاسِ ٪﴿۶﴾ (پارو30 سوره ناس آيت نمبر5.6) | ترجموڪنزالعرفان: اُهي جيڪي ماڻهن جي دلين ۾ وسوسو وجهندا آهن، جنن ۽ انسانن مان |

معلوم ٿيو: شيطان ۽ بُرا انسان، اهي ٻئي دلين ۾ وسوسو وجهندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن اسان سان به ائين ٿيندو آهي،۞وڏي شوق سان وضو ڪندا آهيون، مصلو وڇائيندا آهيون، نوافل پڙهڻ شروع ڪندا آهيون، دل چوندي آهي ته اڄ سڄي رات نوافل پڙهندس، ۞ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ لاءِ ويهي رهندا آهيون، دل چوندي آهي ته اڄ گهٽ ۾ گهٽ 5 سيپارا پڙهي پوءِ اٿندس. ۞ تسبيح ڪڻندا آهيون ته اڄ 5000 ڀيرا درود پاڪ پڙهندس، پر جلد ئي اهو جذبو ٿڌو ٿيڻ لڳندو آهي، پوءِ آهستي آهستي ڪم ياد اچڻ لڳندا آهن، پوءِ دل ۾ خيال ايندا آهن، ۞ اڄ بس 10 نفل پڙهي ٿو وٺان. ۞ بس اڌ سيپاري جي تلاوت ڪوڙ آهي ۞ 500 ڀيرا درود پاڪ پڙهڻ جي به وڏي فضيلت آهي، ايترو پڙهي ٿو وٺان، ائين سوچون اينديون رهنديون آهن، جوش ۽ جذبو گهٽ ٿيندو ويندو آهي ۽ اسان جيتري عبادت سوچي هوندي آهي ايتري عبادت دل سان ڪري ناهيون سگهندا، آخر ائين ڇو ٿيندو آهي، اسان جي دل ڇو ڦري ويندي آهي؟ شيطان وسوسا وجهندو آهي.

شيطان جيڪو مردود آهي، اللہ تعالیٰ جي بارگاهه کان تڙيل آهي، ان جي ڳچيءَ ۾ لعنت جو طوق وڌو ويو آهي، جڏهن اهو دلين تي ايترو تصرف رکي ٿو، دلين کي ڦيري ڇڏيندو آهي ته پوءِ ڇا اللہ تعالیٰ جا نيڪ ٻانها ايتري طاقت به

نتا رکن تا جو هو دلين کي گناهن کان ڦيرائي نيڪيءَ جي طرف لڳائي ڇڏين...؟ [1]

## بُري ماڻهن جا وسوسا

پوءِ هي بہ ڏسو !الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ ۝٦ (پارو 30 سوره ناس آيت نمبر6 ) | ترجمو کنزالعرفان: جنن ۽ انسانن مان |

يعني دلين ۾ وسوسا نہ رڳو شيطان وجهندا آهن، بلڪ خراب ماڻهو پڻ اسان جي دلين ۾ وسوسا وجهندا آهن، ۞ ڪڏهن ڪڏهن اسان جي دل ۾ پنهنجي ڀاءُ لاءِ وڏي محبت هوندي آهي، هڪ ماڻهو اسان ڏي ايندو آهي، اسان جي سامهون گلا غيبت ڪندو آهي چغليون هڻندو آهي، ان محبت کي نفرت ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو آهي ۞ ڪڏهن ڪڏهن گهر ۾ جهيڳڙو ٿي پوي ٿو تہ الله تعاليٰ اسان کي توفيق عطا فرمائي، اسان صلح جي طرف وڌي وڃون تہ محبت جا چور اچي ويندا آهن، دل ۾ وسوسا وجهي نيڪي ڪرڻ کان روڪي ڇڏيندا آهن ، ماڻهو چڱو ڀلو گهر کان نماز جي لاءِ نڪرندو آهي رستي ۾ ڪو برو دوست ملي ويندو آهي ، ڪيس مسجد کان ڦيرائي بازار ڏانهن وٺي ويندو آهي

ظاهر ٿيو: اهي جيڪي بُرا ماڻهو آهن، اهي بہ دلين تي تصرف رکندا آهن، دل کي نيڪيءَ کان هٽائي ڪري گناهن ڏانهن موڙي ڇڏيندا آهن. جڏهن بُرن ماڻهن کي اها طاقت ڏني وئي آهي تہ پوءِ جيڪڏهن الله جي ولين جي باري ۾ چيو وڃي تہ اهي دلين تي قبضو رکندا آهن ۽ دلين کي گناهن کان هٽائي انهن کي نيڪيءَ جي طرف موڙي ڇڏيندا آهن تہ پوءِ ان ۾ ڪهڙو حرج آهي؟

---

[1]... فتاویٰ رضويہ، جلد:21، صفحہ: 381 -383 ملخصاً.

# نوراني ماڻهون نوراني اثر

حديث پاڪ ۾ آهي تہ :رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حضور ۾ هڪ سوال ڪيو ويو. يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ولي ڪير هوندا آهن؟ پاڻ فرمايائون :جن کي ڏسي ڪري رب ياد اچي وڃي، اُهي ولي هوندا آهن،[1] هڪ روايت ۾ آهي تہ: عرض ڪيو ويو: بهترين ساٿي ڪير آهي؟ فرمايائون: اُهي ماڻهو جن کي ڏسڻ سان رب ياد اچي وڃي، جن جون ڳالهيون ٻڌي ڪري عمل ڪرڻ جو جذبو وڌي ۽ جن جا عمل ڏسڻ سان آخرت جي ياد ۾ واڌارو ٿئي،[2]

امام ترمذي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديث جي وضاحت ۾ لکن ٿا : جيڪو الله تعاليٰ جو ولي هوندو آهي، ۞ رب ڪريم ان جي دل کي نور سان پري ڇڏيندو آهي ۞ ان جي نگاهن مان اهو ئي نور چمڪندو آهي ۞ جڏهن هو ڳالهيون ڪندو آهي تہ ان جي زبان مان نور چمڪندو آهي ۞ جڏهن هو ڪو عمل ڪندو آهي تہ اهو نور ان جي عملن مان ظاهر ٿيندو آهي، ان ڪري الله پاڪ جي ولين کي ڏسڻ سان ۞ دل ڦري ويندا آهن، ۞ دلين کا غفلت ڏوپجي ويندي آهي ۞ رب جي ياد دل ۾ گهر ڪري ويندي آهي، جڏهن الله پاڪ جي ولي جون ڳالهيون ٻڌندا آهيون ته ان جي زبان جي ذريعي چمڪڻ وارو دل جو نور اسان جي دل تي اثر ڪندو آهي ۽ دل جي زنگ کي دور ڪري دل کي نيڪ ڪمن ڏانهن موڙي ڇڏيندو آهي.[3]

خبر پئي: الله تعاليٰ جي ولين کي جيڪو نور عطا ڪيو ويندو آهي، ان نور جي ذريعي سان اهي ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪندا آهن .

الحمدلله! اسان جي پير، پيرن جي پير، پير دستگير حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه نه صرف ولي بلڪ ولين جا سردار آهن، کين به دلين تي قبضو عطا ڪيو ويو آهي. سندن دلين تي قبضو ڪهڙو هيو؟ ٻڌو

---

[1] نوادر الاصول، جلد:1، صفحہ:302۔

[2] نوادرالاصول، جلد:1، صفحہ:303۔

[3] نوادرالاصول، جلد:1، صفحہ:303-306 ملخصًا۔

# بداَخلاق ڇوڪري توبہ ڪري ورتي

حضرت ابُو حَسن قَوَّاس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان ۽ مون سان گڏ ڪوڙ ساري جماعت حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي زيارت جي لاءِ روانا ٿياسين، اسان سڀئي پنهنجي مشڪلاتن ۽ پريشانين جي حل جي لاءِ دُعا ڪرائڻ جو ارادو رکندا هئاسين، رستي ۾ ٻيا ماڻهو بہ اسان سان ملي ويا. انهن ۾ هڪ ڇوڪرو هو، مان ان کي سڃاڻندو هئس، اهو نهايت بُري اَخلاق وارو هو، اڪثر ناپاڪ رهندو هو. خير! اسان سڀئي بارگاهِ غوثيت ڏانهن وڃي رهيا هئاسين تہ اتفاق سان حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان واٽ تي ملاقات ٿي وئي، اسان سڀني اڳتي وڌي سلام ڪيو ۽ هڪ هڪ ڪري سندن هٿ مبارڪ کي چميو. اهو ڇوڪرو جنهن جا اخلاق چڱا نہ هئا جڏهن حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هٿ کي چمي ڏيڻ لاءِ اڳتي وڌيو تہ حُضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجو هٿ مبارڪ ان کان پري ڪري ورتو، پوءِ هڪ نگاهہ ان ڇوڪري تي وڌي، سرڪارِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نگاهہ مبارڪ جي تپش نہ سهندي اهو ڇوڪرو بيهوش ٿي ڪري پيو، جڏهن ان کي هوش آيو تہ ان هڪدم پنهنجي بُرن اخلاق کان توبہ ڪئي، پوءِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان کان هٿ ملايو.[1]

| | |
|---|---|
| لینے شفائے کاملہ دربار میں اے کامل | بیمارِ عِصیاں آگیا بغداد والے مرشد |
| ایمان اس کا بچ گیا شیطان سے، جو تیرے | ہے سلسلے میں آگیا بغداد والے مرشد |
| کیوں نَزع و قبْر و حشر کا ڈر اَب مُریدوں کو ہو | تو"لَاتَخَفْ"سنا گیا بغداد والے مرشد(2) |

۞-۞-۞-۞

| | | | |
|---|---|---|---|
| ہیں پیر پیراں! | غوثِ پاک | ہیں میر میراں! | غوثِ پاک |
| مَحْبُوبِ سُبحاں! | غوثِ پاک | ولیوں کے سُلطاں! | غوثِ پاک |

[1] ...قلائد الجواہر، صفحہ:32 ملخصاً۔
[2] ...وسائلِ بخشش، صفحہ:545-546 ملتقطاً۔

| | | | |
|---|---|---|---|
| مُشکل ہو آساں! | غوثِ پاک | دو دَرد کا دَرماں! | غوثِ پاک |
| فرماؤ اِحساں! | غوثِ پاک | راحت کا سَاماں! | غوثِ پاک |

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

# الله وارن جي پهچان

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان حديث پاڪ ٻڌي سون ته الله جو ولي ڪير هوندو آهي؟ اسان جي آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو ته الله جو ولي اهو آهي جنهن کي ڏسي ڪري رب ياد ايندو آهي جنهن جون ڳالهيون عمل جي جذبي کي وڌائيندڙ آهن ۽ ان جا اعمال ڏسي ڪري آخرت جي ياد ۾ اضافو ٿي ويندو آهي. انهن 3 نشانين کي پنهنجي دل ۾ رکڻ گهرجي .

لباسِ خضر میں یہاں سینکڑوں راہزن بھی پھرتے ہیں
اگر جینے کی خواہش ہے تو پہچان پیدا کر

وضاحت: لباسِ خضر جو مطلب آهي رستو ڏيکاريندڙ ۽ رهزن جو مطلب آهي ڌاڙيل. لهٰذا انجي معني هي ٿي ته رهنمائن جي لباس ۾ ايمان جا ڌاڙيل به ڦرندا آهن، جيڪڏهن جيئڻ جي خواهش آهي، ته پوءِ ڪجهه سڃاڻپ پيدا ڪريو، يعني ان ڳالھ جي سڃاڻپ ته سچو رهنما ڪير آهي .

ڪيترا ئي اهڙا آهن جيڪي محبت الٰهي جا وڏا وڏا دعوا ته ڪندا آهن، اهي پنهنجي طرفان وڏا بزرگ بڻجي ويندا آهن، پر انهن جي حالت اهڙي هوندي آهي جو ۞انهن کي ڏسي ڪري رب جي ياد اچڻ ته پري جي ڳالھ آهي، ان جي ابتڙ غفلت وڌي ويندي آهي۞انهن جون ڳالهيون ٻڌي دليون مردا ٿي وينديون آهن ۞انهن جا ڪم اهڙا جو خدا ڪان ڊڄڻ وارا ڪنن کي هٿ لڳائين توبه توبه ڪرڻ لڳن !!...الله پاڪ کي ناراض ڪرڻ وارا ڪم ڪرڻ ۾ بهادر هوندا آهن . ۞ نمازون قضاء ڪندا آهن۞ روزا ناهن رکندا۞ صدقو ۽ خيرات ناهن ڏيندا.

۞ عورتن وانگر ڏکيا ڏکيا وار رکندا آهن ۞ نشي واريون شيون جيئن ته ڀنگ جو دور هلي رهيو آهي ۽ دعوا چا ڪندا آهن: اسان عشق وارا آهيون ۞ اسان الله سان محبت ڪريون ٿا.

جيڪڏهن انهن کي چڱا ڪم ڪرڻ جي دعوت ڏني وڃي، نماز پڙهڻ جي دعوت ڏني وڃي، گناهن کي ڇڏڻ جي، رب پاڪ کي ناراض ڪرڻ وارن ڪمن کي ڇڏڻ جي دعوت ڏني وڃي، ته پوءِ اهي وڏي جرئت سان چوندا آهن: ميان! نمازون توهان پڙهو! اسان ته پهتل آهيون. لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللہ! دعوا خدا جي محبت جي!... ڪم الله پاڪ کي ناراض ڪرڻ وارا ۽ ان تي وري ايتري جاهلن واري جرئت!.. نماز الله جي حضور ۾ حاضري آهي، نماز ڄڻ ته الله پاڪ سان ملاقات آهي، نماز پڙهڻ وقت ڄڻ ته بانهوالله پاڪ جي دربار ۾ پنهنجون التجائون پيش ڪري رهيو هوندو آهي. ڇا ڪو اهڙو محبت ڪرڻ وارو به ٿي سگهي ٿو جيڪو پنهنجي محبوب سان ملڻ پسند نہ ڪندو هجي، جڏهن محبوب سان ملڻ جو وقت اچي ته چئي: مان پهتل آهيان، مون کي پنهنجي محبوب سان ملڻ جي ضرورت ناهي؟ حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سچ فرمايو تہ ها! هو پهتل آهي پَر ڪاٿي؟ دوزخ ۾. (1) الله پاڪ قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ اعْبُدْ رَبَّكَ حَتّٰى یَاْتِیَكَ الْیَقِیْنُ۠ (۹۹)<br>(پاره14،سورة الحجر:99) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ پنهنجي ربّ جي عبادت ڪندو رهہ تان جو توکي موت اچي وڃي. |

معلوم ٿيو جيڪو چاهي ڪٿي بہ پهچي وڃي جيستائين زنده آهي، عقل سلامت آهي ان وقت تائين عبادت کان پاسيرو نٿو ٿي سگهي. باقي رهيو اهڙن نادانن جي محبت الٰهي جي دعوا ڪرڻ ته ڪجهه صوفين سڳورن ”محبت الٰهي“ جي تعريف

1...اَلْيَوَاقِيت وَالْجَوَاہِر، جُز:1، صفحہ:206۔

ئي هي ڪئي آهي. مُوَاطَاۃُ الْقَلْبِ لِمُرَادَاتِ الرَّبِّ ترجمو الله پاڪ جي مرضي جي سامهون دل کي جهڪائي ڇڏڻ. (1)

هي آهي محبتِ الٰهي! معلوم ٿيو جيڪو انسان پاڻ کي الله پاڪ جي حڪمن، الله پاڪ جي رضا وارن ڪمن ۾ الله پاڪ جي مرضي جي سامهون جهڪائي ناهي ڇڏيندو، اهو اجا تائين محبتِ الٰهي جي "ميم" تائين بہ نہ پهتو آهي. اهڙا ماڻهو ڪڏهن به الله پاڪ جا وليءَ ناهن پر حقيقت ۾ دين جا دشمن، سستي شهرت جا طلبگار، الله پاڪ جي ٻانهن کي الله پاڪ کان پري ڪرڻ وارا آهن، اسان سڀني تي لازم آهي تہ اهڙي جاهلن کان هميشہ پري رهون ۽ پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ سوچيندا رهون. الله تعاليٰ اسان کي صحيح ۽ غلط جي سچي سڃاڻپ نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دل کي الله کان خالي ڪري ڇڏيو

حضرت شيخ ابوصالح مغربي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ مان پنهنجي مرشد جي حڪم تي فقر(غيرالله کان بي نيازي) جي تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جي دربار ۾ پهتس.

هڪ ڏينهن حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه مونکي فرمايو: اي ابو صالح! جيڪڏهن توهان فقر حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا ته بغير واسطي وسيلي جي ان کي حاصل نہ ڪري سگهندؤ. ياد رکو! فقر حاصل ڪرڻ جو وسيلو توحيد آهي ۽ توحيد جي اصل هي آهي تہ دل مان الله پاڪ کان سواءِ سڀني جو خوف ڪڍي ڇڏي ۽ دل کي(غير الله جي خوف، دنيا جي محبت، نفساني خواهشن جي پيروي کان) صفا پاڪ ڪري ڇڏي.

مون عرض ڪيو: اوهان ئي مون کي اها خوبي عطا فرمايو. اها ڳالهہ ٻڌي

---

1...رسالہ قشيريہ، صفحہ:350۔

ڪري حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُاللّٰهِ‌عَلَيۡه مون تي ڪرم جي نظر وڌي، منهنجي دل مان اها (يعني غير الله تي ڀروسو ڪرڻ، دنيا جي محبت، نفساني خواهشن جي پيروي جي) ڪيفيت ايئن ڀري ٿئي جو جيئن ڏينهن جي اچڻ سان رات جي اونداهي ڀري ٿي ويندي آهي، بس انهيءَ ڪرم واري نگاهه جو صدقو آهي جو ڪم هلي رهيو آهي[1]

| | |
|---|---|
| بندہ قادِر کا بھی، قادر بھی ہے عَبۡدُ القَادِر | سِرِّ باطن بھی ہے ظاہِر بھی ہے عَبۡدُ القَادِر |
| مفتیٔ شرع بھی ہے، قاضیٔ مِلّت بھی ہے | عِلۡمِ اَسۡرار سے ماہِر بھی ہے عَبۡدُ القَادِر |
| ذی تَصَرُّف بھی ہے مَاذُون بھی مختار بھی ہے | کارِ عالَم کا مُدَبِّر بھی ہے عَبۡدُ القَادِر (2) |

وضاحت: اسان جا غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه عبد القادر آهن يعني قدرتن واري رب ڪريم جا ٻانها آهن ، الله پاڪ ڪيس قدرت ڏني آهي، پاڻ ظاهري ۽ ڳجهي شين جا رازدان آهن، شريعت جا مفتي به آهن، ملت جا قاضي ٻه آهن، ڳجهي علمن جا ٻه ماهر آهن، الله پاڪ کين طاقتون ڏنيون آهن، کين زماني کي هلائڻ جي ٻه اجازت آهي.

## دل کي غيرن کان خالي رکو

پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي ۾ هڪ ته هي ذڪر آهي ته حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُاللّٰهِ‌عَلَيۡه دلين تي حڪومت رکندا آهن ۽ حڪومت به ڪهڙي...؟ هڪ نظر وجهي دل کي غيرالله کان خالي ڪري ڇڏيائون ۽ خالي به ايئن ڪيائون جو وري سڄي زندگي ۾ ڪڏهن به غيرالله جي طرف دل مائل نه ٿئي...!

وري هن واقعي ۾ اسان جي لاءِ هڪ سبق به آهي، جيڪڏهن اسان وڏو مرتبو چاهيون ٿا، الله پاڪ جي بارگاهه ۾ قرب چاهيون ٿا، الله پاڪ جي رضا جا طلبگار آهيون، ته ان جي لاءِ دل کي غير الله کان خالي ڪرڻو پوندو، دنيا جي محبت،

[1]... بَہۡجَۃُ الۡاَسۡرَار، ذکر فصول من کلامہ...الخ، صفحہ:105 ملخصاً۔

[2]...حدائقِ بخشش، صفحہ:69 ملتقطاً۔

نفساني خواهشن جي پيروي دل کان پري ڪرڻي پوندي، تڏهن دل ۾ الله پاڪ جي محبت ايندي، الله پاڪ جي ياد دل ۾ وسندي. اُن جي به اسان کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. دل کي دنيا کان ڦيري ڪري الله پاڪ جي ياد ۾ لڳائڻ گهرجي.

## دل ۾ دنيا رهندي يا الله پاڪ جي محبت

حضرت رابعہ بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ست 7 روزا رکيا ۽ رات جو بلڪل به آرام نه ڪيائون، انين ڏينهن تمام سخت بُک لڳي ۽ نفس کاڌي جي فرمائش ڪئي، انهيءَ وقت هڪ ماڻهو پيالي ۾ کاڌو کڻي حاضر ٿيو، پاڻ رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْهَا پيالو ورتو ۽ ڏيئو ٻارڻ جي لاءِ اٿيون، ايتري ۾ ڪتان کان ٻلي آئي، ان پيالي کي اونڌو ڪري ڇڏيو، پاڻ رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْهَا پاڻي پيئڻ چاهيو ته ڏيئو وسامي ويو ۽ پاڻي جو پيالو ڪِري ٽٽي پيو، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهَا هڪ درد ڀريو ساهه کنيو ۽ الله پاڪ جي دربار ۾ عرض ڪيائون: مولا! مونسان هي ڪهڙو معاملو ٿي رهيو آهي؟ غيب مان آواز آيو: جيڪڏهن دنيا جي نعمتن جي طلبگار آهين ته اسان توکي ڏئي ڇڏيون ٿا پر پنهنجو سُور تنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏينداسين ڇو ته 2 الڳ الڳ شيون هڪ دل ۾ جمع نٿيون ٿي سگهن، ان کان پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهَا پنهنجي دل کي دنيا جي محبت کان ايئن خالي ڪري ڇڏيو جيئن مرڻ وارو آخري وقت ۾ پنهنجي دل مان دنياوي خيالات ڪڍي ڇڏيندو آهي. روزانو صبح جي وقت پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهَا هي دعا ڪنديون هيون: الٰهي مون کي پنهنجي طرف ايئن مُتَوَجِّهه ڪري ڇڏ جو دنيا وارا مون کي توکانسواءِ ڪنهن ڪم ۾ مصروف نہ ڏسن. (1)

## دنياءِ آخرت جو پاڻ ۾ رشتو

خبر پئي جنهن دل ۾ دنيا جي محبت هجي، ان دل ۾ الله پاڪ جي محبت جو اچڻ مشڪل آهي. حضرت عيسٰي روح الله عَلَيْهِ السَّلَام فرمائن ٿا: پاڻي ۽ باهه هڪ

---

[1]...تذكرة الاولياء، باب هشتم، ذكر رابعة رحمة الله عليها، 1/ 73.

ٽانوَ ۾ گڏ ناهن ٽيندا، ايئن ئي دنيا ۽ آخرت جي محبت هڪ دل ۾ جمع نٿي ٿي سگهي. مسلمانن جي چوٿين خليفي، شير خدا، علي المرتضٰي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: دنيا ۽ آخرت به ساهيڙيون آهن، جيترو هڪ سان راضي ٿيندؤ ٻي ايتري ئي رُسي ويندي.

## جنهن جيڪو ڪجھ گهريو عطا ڪري ڇڏيائون

شيخ محمد بن محفوظ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو بيان آهي. هڪ ڀيري ڪيترائي پير حضور سرڪارِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر هئا، حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن فرمايو: پنهنجون پنهنجون ضرورتون بيان ڪيو، جنهن کي جيڪو ڪجھ گهرجي ملي ويندو. موقعو ڏاڍو سٺو هيو، تمام شخصيتن پنهنجون پنهنجون ضرورتون بيان ڪرڻ شروع ڪيون، ڪنهن عرض ڪيو: مان مُجَاهَدي (نيڪين ۾ خوب ڪوشش ڪرڻ) جي طاقت گهران ٿو. ڪنهن عرض ڪيو: مان خوفِ خُدا جو طلبگار آهيان، ڪنهن عرض ڪيو : مان پنهنجي وقت کي محفوظ ڪرڻ (يعني الله پاڪ جي ذڪر ۾ مشغول رهڻ) چاهيان ٿو، ڪنهن عرض ڪيو: مان علمِ ۾ اضافو چاهيان ٿو. شيخ خليل رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه عرض ڪيو: مان قُطُب بڻجڻ چاهيان ٿو. شيخ ابو البرڪات رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن عرض ڪيو: مان الله پاڪ جي محبت ۾ تمام گهڻو اضافو چاهيان ٿو، شيخ ابُو الفَتُوح رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن عرض ڪيو: مان قرآن پاڪ ۽ حديث رسول جو حافظ ٿيڻ چاهيان ٿو.

ائين ئي سڀ پنهنجون پنهنجون ضرورتون بيان ڪندا رهيا، جڏهن سڀئي عرض ڪري چڪا ته سرڪار غوث اعظم شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائڻ لڳا: **اسان سڀني جي ضرورتن تي سڀني جي مدد ڪندا آهيون.**

شيخ ابوالخير رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: خدا جو قسم ان مجلس ۾ جنهن جيڪو ڪجھ گهريو، ان کي اُهو ئي مليو. شيخ حضرمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جنهن قرآن پاڪ حفظ ڪرڻ جي تمنا ڪئي هئي الله پاڪ انهن کي توفيق عطا فرمائي ۽ انهن ڇھ مهينن جي اندر قرآن پاڪ حفظ ڪري ورتو. ائين ئي شيخ جميل رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جنهن عرض

ڪيو هو ته آئون وقت کي محفوظ ڪرڻ (يعني هر وقت ذڪرالله ۾ مشغول رهڻ) چاهيان ٿو، هي ان مرتبي تائين پهتا جو هر وقت هٿ ۾ تسبيح کڻي ذڪر الله ۾ مصروف رهندا هئا، ايستائين جو جڏهن استنجاء خاني جي لاءِ تشريف کڻي ويندا هيا ته تسبيح هڪ جڳهه تي لٽڪائي ڇڏيندا هيا ۽ اُن تسبيح جا داڻا ازخود هلندا رهندا هئا.

شيخ محمد بن محفوظ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جيڪي هن واقعي کي بيان ڪرڻ وارا آهن، پاڻ فرمائن ٿا منهنجي دل ۾ ڪيئي قسمن جا خيال ايندا رهندا هئا. مان انهن ۾ فرق نہ ڪري سگهندو هيس تہ ڪهڙو خيال الله پاڪ جي طرفان آهي، ۽ ڪهڙو خيال الله پاڪ جي طرف کان ناهي، جيئن تہ مون عرض ڪيو: حضرت مون کي اهڙي معرفت ملي وڃي جو دل جي ارادن ۾ فرق ڪري سگهان، مون کي معلوم ٿي وڃي ته ڪهڙو خيال الله پاڪ جي طرفان آهي، ۽ ڪهڙو خيال الله پاڪ جي طرفان ناهي، منهنجو عرض ٻڌي ڪري حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه منهنجي سيني تي هٿ رکيو، ان سان منهنجي دل ۾ هڪ نور چمڪيو، ۽ اڄ تائين اهو نور چمڪي رهيو آهي ، ان جي برڪت سان مان دل جي ارادن ۾ فرق ڪري وٺندو آهيان.[1]

سُبۡحٰنَ الله! دلين تي ڪهڙو زبردست تَصَرُّف آهي، ڪهڙي ته حڪومت آهي! هڪ دفعو هٿ مبارڪ رکيائون، دل ۾ اهڙو نور چمڪيو جو سڄي زندگي جي لاءِ هدايت جو ذريعو بڻجي ويو.

## شيخ ابو مظفر جو واقعو

شيخ ابو مظفر بن منصور رحمةُ اللهِ عليه فرمائن ٿا تہ هڪ ڀيرو مان حضرت شيخ عبد القادر رحمةُ اللهِ عليه جي دربار ۾ حاضر ٿيس، ان وقت مون کي هڪ فلسفي جي ڪتاب هٿ ۾ ڪنيل هئي. پاڻ بنا ڪتاب ڏسڻ جي ئي فرمايو: اي ابومظفر!

---

[1] بَهۡجَۃُ الۡاَسۡرَار، ذکر فصول من کلامہ...الخ، صفحہ:66-68 ملخصًا۔

وجو، هن ڪتاب کي ڌوئي ڇڏيو.

ابو مظفر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون کي اها ڪتاب تمام گهڻي پسند هئي، تنهنڪري ان کي ڌوئڻ لاءِ منهنجي دل نہ مڃيو. مون دل ۾ سوچيو تہ آينده هي ڪتاب ڪٺي حضرت جي بارگاهہ ۾ نہ ويندس. جڏهن مان گهر ۾ ڪتاب رکڻ لاءِ ارادو ڪري اٿيس، تہ مان اٿي نہ سگهيس.

غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: هي ڪتاب مون کي ڏي. مون ڪتاب ڏيڻ کان پهريان ڏٺو تہ ان جا صفحا بلڪل صاف ٿي چڪا هئا ۽ انهن تي هڪ بہ لفظ باقي نہ بچيو هو. پوءِ مون اهو ڪتاب غوث پاڪ رحمةُ اللهِ عليه کي ڏئي ڇڏيو. پاڻ رحمةُ اللهِ عليه ان کي ڏسڻ لڳا ۽ فرمايو: هن ڪتاب ۾ تہ قرآن پاڪ جون فضيلتون لکيل آهن. جڏهن مون ڪتاب ڪٺي ڏٺو تہ حقيقت ۾ ان ۾ قرآن پاڪ جون فضيلتون تمام سهڻي نموني سان لکيل هيون.[1]

| | |
|---|---|
| بندہ قادِر کا بھی، قادر بھی ہے عَبۡدُ القادِر | سِرّ باطن بھی ہے ظاہِر بھی ہے عَبۡدُ القادِر |
| مفتیِٔ شرع بھی ہے، قاضیِٔ ملّت بھی ہے | عِلمِ اَسرار سے ماہِر بھی ہے عَبۡدُ القادِر |
| ذی تَصَرُّف بھی ہے مَاذُون بھی مختار بھی ہے | کارِ عالَم کا مُدَبّر بھی ہے عَبۡدُ القادِر (2) |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ہیں پیرِ پیراں! | غوثِ پاک | ہیں میر میراں! | غوثِ پاک |
| مَحۡبُوبِ سُبۡحاں! | غوثِ پاک | ولیوں کے سُلطاں! | غوثِ پاک |
| مُشکل ہو آساں! | غوثِ پاک | دو دَرد کا دَرماں! | غوثِ پاک |
| فرماؤ اِحساں! | غوثِ پاک | راحت کا ساماں! | غوثِ پاک |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!          صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

[1]... بَہۡجَۃُ الۡاَسۡرَار، ذکر فصول من کلامہ... الخ، صفحہ:97۔

[2]...حدائقِ بخشش، صفحہ:69 ملتقطاً۔

## علمِ دين سکو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان اسان کي اهو به سکڻ جي لاءِ مليو ته دنياوي علم پڙهڻ جيتوڻيڪ جائز آهي پر آخرت جو فائدو دين جي ئي علم ۾ آهي ۞ هي علم دين سکڻ وارا ئي آهن جڏهن گهر کان نڪرندا آهن ته فرشتا انهن جي پيرن جي هيٺان پنهنجا پر وڇائيندا آهن ۞ سڀ مخلوق ايستائين جو درياهه ۾ مڇيون به انهن لاء دعا گهرنديون آهن ۞ طالبِ علم دين جي لاءِ جنت جو رستو آسان ڪيو ويندو آهي. ان ڪري اسان کي دين جو علم پڙهيان سکڻ گهرجي، ان کي اهميت ڏيڻ گهرجي، دين جو علم سکي ورتو، جيتري قدر ديني علم سکڻ فرض آهي، اسان ايترو سکي ورتو، هاڻي جيڪڏهن توهان چاهيو ته دنيا جو علم به سکي وٺو. البته! پهريان دين جو علم سکو. اللّٰه تعاليٰ فرمائي ٿو: ته

| | |
|---|---|
| كُوْنُوْا رَبّٰنِيّٖنَ (پاره:3، سورة آل عمران:79) | ترجموڪنزالعرفان: اللّٰه وارا ٿي وڃو، |

يعني اللّٰه وارا ٿي وڃو! ڪيئن ٿيڻو آهي؟ دين جو علم جي سکي ڪري، قرآن پاڪ سکي ڪري، حديثون سکي ڪري، دين جي سمجهه حاصل ڪري.

## علم دين سکڻ ئي ڇو ضروري آهي.

هڪ ٻي جڳهه تي اللّٰه پاڪ ارشاد فرمائي ٿو

| | |
|---|---|
| وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝ يَعْلَمُوْنَ ظَاهِرًا مِّنَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَ هُمْ عَنِ الْاٰخِرَةِ هُمْ غٰفِلُوْنَ ۝ (پاره:21، سورة روم:6، 7) | ترجموڪنزالعرفان: پر گهڻا ماڻهو ڄاڻن نٿا. اکين جي آڏو جي دنياوي زندگي کي ڄاڻن ٿا ۽ اهي آخرت کان بلڪل غافل آهن. |

هن آيت سڳوري جي تفسير ۾ علامه نسفي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا ته: هتي اللّٰه پاڪ 2

قسمن جي جهالت جي بيان ڪيو آهي:(1) هڪ جهالت اها آهي ته انسان کي ڪجهه خبر ئي نه هجي، جيئن اسان وٽ ڪيئي ماڻهو بلڪل اڻ پڙهيل هوندا آهن، انهن کي پنهنجو نالو لکڻ به ناهي ايندو.:(2) جهالت جو هڪ ٻيو قسم آهي:

يَعۡلَمُوۡنَ ظَاهِرًا مِّنَ الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا ۚۖ وَهُمۡ عَنِ الۡاٰخِرَةِ هُمۡ غٰفِلُوۡنَ ﴿۷﴾

يعني اهو شخص جيڪو ظاهري دُنيا جي معلومات ته گهڻي رکندو آهي، پر آخرت کان بلڪل بي خبر آهي، جيتوڻيڪ اُن کي اڻ پڙهيل نه به چيو وڃي. پر اهو به جاهل آهي [1]

هاڻي ڏسو! جيترا دنياوي علوم موجود آهن، اهي اسان کي صرف دنيا جي ظاهري حالت بابت ٻڌائين ٿا، مثال طور، ۞رياضي ۾ اسان کي حساب سيڪاريو ويندو آهي. فزڪس ۾ اسان کي مادي بابت معلومات ڏني ويندي آهي ، مثال طور هڪ جسم حرڪت ڪيئن ڪندو آهي، اهو ڪيئن بيهندو آهي؟ ان جون خاصيتون ڇا آهن؟ وغيره ۞ساڳيءَ طرح حياتيات (***Biology***) آهي، ان ۾ جاندارن جي باري ۾ معلومات هوندي آهي، ۞ ارضيات (***Geology***)، فلڪيات (***Astronomy***)، بئنڪنگ(***Banking***)، انجنيئرنگ(***Engineering***) وغيره جيڪي به علوم آهن، انهن سڀني ۾ ظاهري دنيا ئي جي معلومات موجود آهي، آخرت جي معلومات: مثلاً ۞الله پاڪ جي سڃاڻپ ۞رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان ۞جنت دوزخ ۞قيامت جي ڏينهن جي معلومات ۞ آخرت ۾ نجات جو سبب ڇا آهي؟ ۞ايمان ڇا آهي؟ ۞ نيڪي ڇا کي چئبو آهي؟ ۞باطني بيماريون ڪهڙيون آهن؟ انهن جو علاج ڇا آهي ؟ وغيره وغيره. اسان کي هي سڄي معلومات ڪٿان ملندي؟ قرآن مجيد مان، حديثن مان، دين جي عالمن جي لکيل ڪتابن مان ملندي ۽ انهيءَ کي دين جو علم چئبو آهي.

تنهن ڪري ضرورت مطابق دنياوي علم پڙهڻ جائز هجڻ باوجود به اُخروي

[1] تفسيرِ نسفي، پاره:21، سورهٔ روم، زيرِ آيت:7، جلد:2، صفحه:691

لحاظ سان فضيلت صرف دين جي علم کي ئي آهي.

## علم دين جا نرالا فضائل

حضرت معاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: علم حاصل ڪريو! ڇوتہ ۞الله جي رضا جي لاءِ علم سکڻ خوفِ خدا آهي ۞ علم جي ڳولا عبادت آهي ۞ علم جي تڪرار ڪرڻ (يعني سبق کي ياد ڪرڻ لاءِ بار بار پڙهڻ) تسبيح آهي۞ بي علم کي علم سيکارڻ صدقو آهي ۞ علم کي ان جي اهل تي خرچ ڪرڻ نيڪي آهي۞علم حلال ۽ حرام ۾ فرق ڪرڻ جو ذريعو آهي۞علم اهلِ جنت جي رستي جي نشاني آهي۞علم سفر جو ساٿي آهي ۞علم اڪيلائي جو ساٿي آهي۞ علم غربت ۽ خوشحاليءَ ۾ رهنمائي ڪندڙ آهي .۞ علم دشمنن جي خلاف هٿيار آهي۞علم دوستن جي وچ ۾ زينت آهي ۞ الله تعاليٰ علم جي ذريعي قومن کي بلندي ڏيندو آهي۞ الله تعاليٰ علم جي ذريعي قومن کي امام بڻائيندو آهي، پوءِ انهن جي پيروي ڪئي ويندي آهي. ۞ عالمن جي راءِ کي آخري ڳالهہ سمجهيو ويندو آهي۞ فرشتا عالمن جي دوستي ۾ رغبت رکندا آهن۞ عالمن لاءِ هر سُڪل ۽ آلي شيءِ، ايستائين جو سمنڊ جون مڇيون ۽ زمين جا جانور بہ مغفرت جي دعا گهرندا آهن۞ علم اونداهيءَ ۾ اکين جو نور آهي .۞ علم دل جي زندگي آهي۞علم جي وسيلي ٻانهو بزرگن جو رتبو حاصل ڪري وٺندو آهي.۞علم عمل جو امام آهي۞عَمَل عِلم جو تابعدار آهي۞ خوش نصيبن کي علم ڏنو ويندو آهي۞جڏهن تہ بدنصيبن کي علم کان محروم ڪيو ويندو آهي. الله پاڪ اسان کي توفيق عطا فرمائي، اسان دين جو علم سکون ۽ ان تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## قادري ٿيڻ جون برڪتون

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! الله تعاليٰ حضور غوث رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کي تمام اوچو مقام عطا فرمايو آهي. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه سان نسبت تي وجهڻ به وڏي برڪت ۽ سعادت جي ڳالهه آهي. حضرت شيخ ابو عبدالله محمد رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا : حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پنهنجي مريدن جي لاءِ هن ڳالهه جا ضامن آهن ته انهن مان ڪو به شخص توبه ڪان بغير نه مرندو ۽ انهن کي هي فضيلت ڏني وئي آهي ته سندن مريد ۽ ستن نسلن تائين ان جا مريد جنت ۾ داخل ٿيندا [1]

شيخ ابو سعود عبدالله رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه روايت ڪن ٿا: اسان جا شيخ محي الدين عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه قيامت تائين پنهنجي مريدن لاءِ هن ڳالهه جا ضامن آهن ته انهن مان ڪو به توبه ڪرڻ ڪان سواءِ نه مرندو.[2]

## اوهان به مريد ٿي وڃو

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن توهان اڃا تائين ڪنهن به جامع شرائط پير سان بيعت ناهيو ته پوءِ تجويز آهي ته توهان قادري سلسلي ۾ مريد ٿي ڪري حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه سان ڳنڍجي وڃو! ان شاءَ الله! دين ۽ دنيا ۾ ان جون بي شمار برڪتون نظر اينديون. ياد رکو! مريد ٿيڻ تمام ضروري آهي الله ڪريم سيپاري 6، سورت المائده، آيت: 35 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ ابۡتَغُوۡۤا اِلَيۡهِ الۡوَسِيۡلَةَ<br>(پاره6،سورة المائدة:35) | ترجمو ڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! الله ڪان ڊڄو ۽ ان جي طرف وسيلو ڳولهيو. |

---

[1] بَهۡجَةُ الۡاَسۡرَار، ذڪر فضل اصحابه...الخ، صفحه:191-
[2] بَهۡجَةُ الۡاَسۡرَار، ذڪر فضل اصحابه...الخ، صفحه:191-

مشهور مفسر قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن آيت جي تفسير ۾ لکن ٿا: هر شيءِ جي ڳولا لاءِ الڳ دروازا آهن، بازارن ۾هر شيءَ جي ڳولا لاءِ الڳ دڪان آهن، اُن شيءِ جي ڳولا لاءِ مون کي انهن درن تي، انهن دڪانن ۽ بازارن ۾ وڃڻو پوندو آهي، خدا تعاليٰ کي ڳولهيو حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي در تي ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڳولهيو اللّٰه جي ولين جي دروازن.[1] وڌيڪ فرمائن ٿا: هن آيت مبارڪ ۾ تقوا کان پوءِ وسيلي جي ڳولا جو حڪم ڏئي ڪري ٻڌايو ويو ته ڪو بہ پرهيزگاري جي ڪنهن به مرتبي تي پهچي ڪري وسيلي کان بي پرواھ نٿو ٿي سگهي، لهٰذا ڪوبہ پرهيزگار مسلمان ائين نه سمجهي تہ مان وڏو پرهيزگار ٿي ويو آهيان هاڻي مون کي اللّٰه پاڪ تائين پهچڻ لاءِ ڪنهن بہ وسيلي جي ضرورت ناهي، جيئن هر مومن اعمال ۽ پرهيزگاري جو محتاج آهي، ايئن ئي هر پرهيزگار وسيلي جو محتاج آهي.[2]

## بيعت جون برڪتون

الحمدلله! ڪنهن ڪامل پير جو مريد ٿيڻ جون ڪيترين ئي برڪتون ۽ فائدا آهن، مثلاً ان جي برڪت سان ايمان جي حفاظت نصيب ٿيندي آهي. ۞ نماز ۽ روزي جي پابندي نصيب ٿيندي آهي.۞ حلال ۽ حرام جي سڃاڻپ نصيب ٿيندي آهي. ۞ مسلمان جي احترام جو ايماني جذبو حاصل ٿيندو آهي.
۞ شيطان کان حفاظت ٿيندي آهي. ۞ دل ۾ عبادت جو شوق ۽ قرآن جي تلاوت جو ذوق ملندو آهي .۞ بُري صحبت کان بچڻ جو ذهن ٺهندو آهي .
۞ گناهن کان توبہ جو ذهن ملندو آهي ۞ ديني ۽ دنياوي پريشانيون پري ٿينديون آهن ۞انسان جو ڪردار سنو ٿي ويندو آهي.
هاڻي ٻڌو....!! امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامہ و مولانا محمد

---

[1] تفسير نعيمي، پاره:6، سورۂ مائده، زيرِ آيت:35، جلد:6، صفحه:402 ملخصًا

[2]... تفسير نعيمي، پاره:6، سورۂ مائده، تحت الآية:35، جلد:6، صفحه:394 ملتقطًا۔

الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ سان مريد تي ڪري ماڻهن ڪي ڪهڙا ڪهڙا فائدا حاصل ٿيا، ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون نصيب ٿيون.
۞ امير اهلسنت جو مريد تي ڪري لکين بي نمازي نمازي بڻجي ويا، نه صرف نمازي پَر نمازون پڙهائڻ وارا يعني امام بڻجي ويا،۞هزارين عالم بڻجي ويا،۞ مفتي بڻجي ويا، ۞ حافظ بڻجي ويا،۞گهر ۾ ديني ماحول بڻجي ويو۞ ڏاڙهيون اچي ويون ۞ عماما سجي ويا.۞ مديني جي محبت نصيب ٿي۞حج جو شوق نصيب ٿيو۞ڪيئي حاجي بڻجي ويا۞نعتون پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جو شوق ۽ ذوق نصيب ٿي ويو۞عشق رسول مليو ۞غوث پاڪ ۽ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو تعارف ٿيو. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن اسان غور ڪندا وجون ته اهڙا سوين مثال ملندا جيڪي اميراهلسنت جو مريد ٿيڻ جي برڪت سان حاصل ٿيا .الغرض مريد ٿيڻ جي برڪت سان انسان دنيا ۽ آخرت ۾ سعادتمند ٿي ويندو آهي.

## بيعت جو تعارف ۽ افاديت ۽ فضائل

پيارا اسلامي ڀائرو! سلسله عاليه قادريه هڪ تمام برڪت وارو سلسلو آهي .
الحمدلله! شيخ طريقت امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ به قادري سلسلي ۾ بيعت آهن. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه به قادري سلسلي ۾ بيعت آهن ۽ الحمدلله باقي جيترا به طريقت جا سلسلا آهن مثلاً: سلسله نقشبنديه، سهروورديه، چشتيه انهن سيني سلسلن ۾ به حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو ئي فيضا پهچي ٿو .قادري سلسلي جا پيشوا ۽ شهنشاهه حضور شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه آهن ۽ هي سلسلو الحمدالله! مسلمانن جي چوٿين خليفي، ولايت جي شهنشاهه حضرت موليٰ علي شير خدا رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سان مليل آهي ۽ ان کان اڳتي مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مليل آهي. الحمدلله! شيخ طريقت امير اهلسنت دامت برکاتهم العاليه کي پنهنجي پير ۽ مرشد غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان تمام گهڻي محبت

آهي. اچو اميراهلسنت جي غوث پاڪ سان محبت جون ڪجهه ايماني جهلڪيون پڙهون ٿا:

(1) اميراهلسنت دامت برڪاتهم العاليہ جي لکيل شعرن جو مجموعو وسائل بخشش، وسائل فردوس سندن حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه سان محبت جو واضح دليل آهي جن ۾ پاڻ حضور غوث اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي شانِ اقدس ۾ ۽ اوهان سان استغاثي جي باري ۾ تقريباً 13 ڪلام لکيا آهن جن جي شعرن جي تعداد ڪم و بيش 207 آهي، ان کان علاوه ڪم و بيش 105 غوثيہ نعرا بہ لکيا آهن. پاڻ غوث پاڪ جي سيرت تي تقريباً 4 ڪتاب ۽ رسالا تحرير فرمايا آهن،(1) منٽي جي لاش: 18 صفحا (2) جنّات جو بادشاهہ: 20 صفحا (3) نانگ جهڙو جنّ: 28 صفحا (4) غوث پاڪ جا حالات: 106 صفحا.

(2) پاڻ دامَتۡ بَرَڪاتُهُمُ العاليہ حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي خاندان، آل اولاد، مزار مبارڪ، گنبد ۽ مينار مبارڪ، پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه جي شهر مطلب تہ حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه سان تعلق رکڻ واري هر شيءَ سان بي انتها محبت ڪندا آهن. غوث پاڪ جي آل اولاد بہ امير اهلسنت سان گهڻو پيار ڪندي آهي، ملڪِ شام مان آيل هڪ عالمِ دين، جيڪو حضورِ غوثِ پاڪ رحمةُ اللّٰهِ عليہ جي نسل مان هو، جڏهن ڪانئس امير اهلِ سنت دامَتۡ بَرَڪاتُهُمُ العاليہ سان سندن ايتري محبت ڪرڻ جو سبب پڇيو ويو، تہ هنن فرمايو: مولانا الياس قادري دامَتۡ بَرَڪاتُهُمُ العاليہ ڪيترن ئ ماڻهن کي غوثِ پاڪ شيخ عبد القادر رحمةُ اللّٰهِ عليہ جي دامن سان وابستہ ڪيو آهي ۽ قادري سلسلو عام ڪيو آهي، تنهنڪري اسان کي هنن سان ايتري محبت آهي.

(3) الحمدلله! اميراهلسنت جي تربيت جي برڪت سان وڏي يارهين شريف جي وڏي رات جي موقعي تي ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ محفل غوثيه جا اجتماع منعقد ڪيا ويندا آهن. جن ۾ ڪڏهن ۞غوث پاڪ جي شان، ۞ ڪڏهن غوث اعظم جي سيرت،۞ ڪڏهن غوث پاڪ جي خاندان،۞ تہ ڪڏهن غوث پاڪ جي ڪرامتن جي موضوعن تي سنتن ڀريا بيان ۽ غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي

منقبتن جو سلسلو هوندو آهي، پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ وڏي يارهين شريف جي رات عاشقن کي بغدادي نسخو استعمال ڪرڻ جي ترغيب پڻ ڏيندا آهن. هي بغدادي نسخو ڇا آهي؟ اچو! ان بابت ٻڌون ٿا:

ربيع الآخر جي يارهين رات سڄو سال مصيبتن کان بچڻ جي نيت سان سرڪار غوث اعظم رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه جا يارهن نالا( اول ۽ آخر ۾ يارهن ڀيرا درود پاڪ) پڙهي ڪري. يارهن ڪجورن تي دم ڪري انهيءَ رات کائي ڇڏيو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! سڄو سال مصيبتن کان حفاظت ٿيندي. يارهن نالا هي آهن :(1) :سيد محي الدين سلطان :(2) محي الدين قطب :(3) محي الدين خواجه :(4) محي الدين مخدوم:(5) محي الدين ولي :(6) محي الدين بادشاهه :(7) محي الدين شيخ: (8) محي الدين غوث:(10) محي الدين خليل :(11) محي الدين.[1]

الله ڪريم اسان سڀني کي اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي ۽ سندن صدقي حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي سچي غلامي نصيب فرمائي ۽ ايمان تي موت نصيب فرمائي. اٰمِيْنْ بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هڪ ڏينهن راهِ خدا ۾

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي فيضان غوث و خواجه آهي،اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوت اسلامي سڄي دنيا ۾ غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي تعليمات کي عام ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جو جذبو ڏيارڻ ۾ مصروف آهي. دعوت اسلامي عشق رسول ۽ عشق صحابه ۽ اهل بيت ۽ عشق اولياء جا جام پري ڪري پياريندي آهي. حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان پنهنجي روحاني وابستگي مضبوط ڪرڻ، صحابه ۽ اهل بيت ۽ اولياءِ ڪرام جي مَحبت دل ۾ ويهارڻ جي لاءِ اوهان به دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ معاشري جي اصلاح جي جذبي سان 12 ديني ڪمن ۾ عملي

[1] جنات کا بادشاہ ، صفحہ:18-

طور حصو وٺڻ شروع ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هفتيوار هڪ ديني ڪم: هڪ ڏينهن راهِ خدا ۾ بہ آهي. ۞ ڀهريان هن ديني ڪم کي يومِ تعطيل اعتڪاف چيو ويندو هو، هاڻي هن ديني ڪم کي هڪ ڏينهن راهِ خدا ۾ چيو وڃي ٿو. الحمد لله! دعوت اسلامي وارا عاشقانِ رسول ڳوٺن ڀهراڻين ۾ وڃي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪندا آهن. ۞ جمعي يا آچر واري ڏينهن اسلامي ڀائر اهڙن علائقن ۽ ڳوٺن جي اطراف ۾ ويندا آهن. جتي 12 ديني ڪم شروع ڪرڻ يا وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي حاجت هوندي آهي ۞اُتي مسجد ۾ قيام ڪيو ويندو آهي. ۞طئي ڪيل جدول جي مطابق ڪنهن هڪ نماز کان بعد مسجد کان ٻاهر وڃي ويجهي گهرن ۽ دڪانن تي نيڪي جي دعوت ڏني ويندي آهي.۞ عاشقانِ رسول کي هتو هٿ مسجد ۾ اچڻ جي ترغب ڏياري ويندي آهي مثال طور ۞ اچو! اوهان بہ اسان سان گڏ مسجد هلو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! . ۞علمِ دين سکڻ جي لاءِ ملندو۞نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو ثواب نصيب ٿيندو. ۞ راهِ خدا ۾ نڪرڻ جي سعادت ملندي. حديث پاڪ جو خلاصو آهي: جيڪو قدم راهِ خدا ۾ خاڪ هاڻو ٿيندو، ان کي جهنم جي باھ نہ ڇُهندي. (مسندامام احمد،جلد:6،صفحه:507،حديث:16356خلاصةً۔).۞ جيڪو شخص الله پاڪ جي رضا جي لاءِ پنهنجي مسلمان ڀائرن ڏانهن ڳوٺن ۾ وڃي حديث پاڪ ۾ ان جي لاءِ جنت جي بشارت آهي.( معجم اوسط،جلد:1، صفحه:472، حديث:1743۔)

## باغ جو جهولو

هڪ ماڊرن نوجوان حيدرآباد جي هڪ محلي ۾ علائقائي دوري جي دعوت کان متاثر ٿي مسجد ۾ اچي ويو. بيان ۾ مدني قافلن ۾ سفر جي ترغيب ڏني وئي، جنهن تي هن مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ لاءِ پنهنجو نالو داخل لکرايو. اجا قافلي ۾ روانگي لاءِ ڪجهہ ڏينهن باقي هئا جو قضاءِالٰهي سان سندس انتقال ٿي ويو. ڪنهن گهر واري مرحوم کي خواب ۾ ڏٺو تہ هو هڪ سرسبز باغ ۾

ڏاڍو خوش آهي ۽ جهولي ۾ لڏي رهيو آهي. خواب ڏسندڙ ڪانئس پڇيو: تون هتي ڪيئن پهتين؟ اُن نوجوان جواب ڏنو: مان دعوت اسلامي جي مدني قافلي سان آيو آهيان، الله پاڪ جو وڏو ڪرم ٿيو آهي، منهنجي ماءُ کي چئي ڇڏجان تہ منهنجو غم نہ ڪري، مان هتي تمام گهڻي سڪون سان آهيان.

| | |
|---|---|
| لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو |
| پاؤگے بخششیں قافلے میں چلو | جنّتیں بھی ملیں، قافلے میں چلو |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صراط الجنان جي ايپلي ڪيشن جو تعارف

دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ پاران هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي Sirat ul Jinan Quran & Tafsir :(صِرَاطُ الجِنان قرآن اينڊ تفسير). هن ايپلي ڪيشن ۾ شامل آهن: ۞مڪمل قرآنِ پاڪ ۞ اعليٰ حضرت، امامِ اهلِ سنت، شاه امام احمد رضا خان رحمةُ اللهِ عليہ جو لکيل ترجمو ڪنزُ الايمان ۞آسان ترجمو، ترجمو ڪنزُ العرفان ۽ ۞ آسان انداز ۾ لکيل تفسير صراطُ الجنان شامل آهي ۞ توهان قرآن پاڪ، ترجمو ۽ تفسير آڊيو ۾ بہ ٻڌي سگهو ٿا. ۞ عام طور تي روزانو تلاوت ٿيندڙ سورتن کي بہ الڳ سان جمع ڪيو ويو آهي. ۞ مدني چينل تي هلندڙ تفسيرِ قرآن ۽ مختلف قرآني پروگرامن کي پڻ هن ايپلي ڪيشن ذريعي آساني سان ڏسي سگهجي ٿو.
۞ وڌيڪ هي تہ قرآني آيتون، ترجمو ۽ تفسير کي واٽس ايپ(WhatsApp)، فيس بڪ (Facebook) وغيره تي پنهنجن دوستن سان شيئر ڪري سگهو ٿا. هيءَ ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائيل ۾ انسٽال ڪريو، دين جو علم حاصل ڪريو ۽ ٻين تائين پهچائي نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب حاصل ڪريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# ڪجهه ضروري اعلانات

ماهِ ربيع الآخر جي مقدس گهڙين ۾ حضرت غوثِ اعظم شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سِيرتِ مبارڪ تي مشتمل اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دامَتْ بَرَڪاتُهُمُ العاليہ 3 جامع رسالا لکيا آهن. انهن رسالن ۾ غوثِ پاڪ رحمةُ اللهِ عليہ جي حياتِ مبارڪ، سندن ڪرامتن ۽ روحاني فيوض ۽ برڪات کي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. هي رسالا عقيدتمندن کي غوثِ اعظم رحمةُ اللهِ عليہ جي بي مثال شخصيت، تعليمات ۽ الله سان قربت حاصل ڪرڻ جا طريقا ڏيکارين ٿا. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيم مطالعي دوران توهان جو ايمان وڌيڪ مضبوط ٿيندو ۽ دل الله جي محبت سان منور ٿي ويندي. انهن رسالن جا نالا هي آهن:

(1) جنات جو بادشاه (2) مني جي لاش (3) نانگ جهڙو جن، اوهان اهي رسالا جنات جو بادشاه 28 روپئي ۾، مني جي لاش 26 روپيا ۾، ۽ نانگ نما جن 25 روپئي ۾ مڪتبةُ المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان حاصل ڪري سگهو ٿا. پاڻ بہ مطالعو ڪريو ۽ بين کي پڻ هن ڏانهن ترغيب ڏيو.

يارهين شريف جي مبارڪ موقعي تي رسالا ورهائي علمِ دين عام ڪريو. يارهين شريف جي نياز سان گڏوگڏ خوب رسالا ورهائيندي فيضانِ غوثيہ پيڪيج مڪتبةُ المدينہ جي بستي تان 200 روپين ۾ طلب ڪيو.

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي، سنت جي فضيلت ۽ ڪجهه زندگيءَ جا آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو .تاجدار رسالت شهنشاهِ نبوت صلي الله عليه وسلم فرمايو :

مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیْ فِی الْجَنَّةِ

جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

---

1... تاریخ مدینہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

| سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا |
|---|---|

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# ڏندڻ ڪرڻ جون سنّتون ۽ آداب

2 فرامينِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): بہ رڪعتون ڏندڻ ڏئي ڪري پڙهڻ بنا مسواڪ جي 70 رڪعتن کان افضل آهي[1] (2) ڏندڻ جو استعمال پنهنجي لاءِ لازم ڪريو ڇو تہ هن ۾ وات جي صفائي ۽ ربّ جي رضا جو سبب آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! حضور نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هر رات جو ڪيئي ڀيرا ڏندڻ ڪندا هئا، هر ڀيري سمهڻ وقت بہ ۽ جاڳڻ وقت بہ ❁ بنا سني نيّتن جي ڏندڻ جا طبي فائده (Physical Benefits) حاصل تہ ٿيندا پر ثواب نہ ملندو. مثال طور وُضو جي لاءِ ڏندڻ ڪرڻو هجي تہ هيئن ٿي نيّتون ڪري ونو: رضاءِ الاهي، سنّت جي ادائگي ۽ ذڪر ۽ درود جي لاءِ پنهنجي وات کي صاف رکڻ جي لاءِ ڏندڻ ڪندس ❁ مشائخِ ڪرام فرمائن ٿا: جيڪو شخص ڏندڻ جو عادي هجي مرڻ وقت ان کي ڪلمو پڙهڻ نصيب ٿيندو ❁ حضرت عبد الله ابن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ ڏندڻ ۾ ڏهہ (10) خوبيون (Qualities) آهن: وات صاف ڪندو آهي، ڱُڊن (Gums) کي مضبوط بڻائيندو آهي، نظر وڌائيندو، بلغم (Phlegm) ختم ڪندو آهي، وات جي ڌپ ختم ڪندو آهي، سنت جي موافق آهي، فرشتا خوش ٿيندا آهن، ربّ راضي ٿيندو آهي، نيڪي وڌائيندو ۽ معدو

1... اَلتَّرغِيْب وَالتَّرهِيب، کتاب: الطہارۃ، الترغیب فی السواک، صفحہ:86، حدیث:18۔
2... مسند امام احمد، جلد:2، صفحہ:438، حدیث:5869۔

(*Stomach*) درست ڪندو آهي. ۞ ڏندڻ ساڄي هٿ ۾ هن طرح پڪڙيو جو ننڍي آڱر ان جي هيٺيان ۽ وچ واريون ٽي آڱريون مٿي ۽ آڱوٺو چوٽيءَ تي هجي.

۞ ڏندڻ جڏهن استعمال جي قابل نہ رهي تہ اڇلايو نہ جو هيءُ سنّت ادا ڪرڻ جو آلو آهي، ڪنهن جڳهہ تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا پٿر وغيره وزن ٻڌي ڪري سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏيو.[1]

**ياد رهي!** روزي جي حالت ۾ بہ ڏندڻ ڪرڻ سنّت آهي، البت ڏندڻ چٻاڙڻ سان جُزا جُدا ٿين يا مزو محسوس ٿئي تہ اهڙو ڏندڻ نہ ڪرڻ گهرجي.[2]

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

سنتیں سیکھنے تین دِن کے لئے
رب کے در پر جھکیں، اِلتجائیں کریں

ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو
بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو(3)

الله پاڪ اسان کي عَمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1... 550 سنتیں اور آداب، صفحہ:47-50۔

2...فتاویٰ رضویہ،جلد:10،صفحہ:511۔

3...وسائلِ بخشش،صفحہ:670-671 ملتقطًا۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

# اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ الله عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

1 افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
2 افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾قُربِ مُصطفٰي

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

1... القول البديع، الباب الثانی، ص277

2... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

3... القول البديع، الباب الاول، ص3125

4... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [1]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

2... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455